ابراهيم کرل

# نسيم کرل جي ڪهاڻين جي ڪردارن جو نفسياتي جائزو


## Abstract:

**_PSYCHOANALYTIC APPROACH TO SOME OF MAIN STORY CHARACTERS OF NASEEM KHARAL, A RENOWNED SINDHI SHORT STORY WRITER_**

*Naseem Kharal is a renowned Sindhi story writer. He has deep knowledge of his society and varied attitudes through observation and he also knows the psychology of Sindhi peoples living in villages and city alike.*

*Many theorists have discovered psychological facts, dominating the behavior of the variety of characters. Sigmund (1939 – 1856) has peeped in to the conscious, subconscious and unconscious stages of mind. He has introduced them as id ego, and superego in his own terms. There remains a conflicting situation among them. Id works on pleasure principle, ego works on really principle and superego, works on morality principles. One of the most important terms of is “Repression”, which is responsible repress various derives and throws them in id. However, these derives are not completely abolished but can come out, whenever they find any vacuum..*

**Psychoanalytic approach to some characters of Naseem Kharal in his stories**

*“Repression” is mostly found in the characters of Naseem Kharal’s Stories. One tromp is shown in shape of social worker in “Daraulfalah” as Naseem Kharal’s Story. He hides repressed instinct, therefore he has established, Darulfalah to protect widows and suppressed girls. As they can remain away from rogues and in hands. One girl take refuge in his “Darulfalah”. Actually, she was forced by her mother to become prostitute. However she was astonished to see that “Daraulfalah” was established by some tycoon, who enjoyes her youth for Rs: 5000/- this shows repressed derives from same tycoon.*

*“Mujawar” is an other story of Naseem Kharal. This story also offers*







*evidence of expression of repressed derives a Deputy Commissioner puts ban on opium and hasheesh addicts in local folk because they would create immoral atmosphere, also on dancing girls and their songs, which may create a public nuisance, repressed derives of deputy commissioner. Come out of unrolled “id” through his ego. He himself allows celebration of similar function. Same dancing girls are invited and the deputy commissioner becomes unaware of public nuisance: he satisfied his repressed desires.*

## خلاصو:

نفسيات هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن جي ذريعي شعور، تحت الشعور ۽ لاشعوري ڪيفيتن سان گڏ انساني عقل ضمير ۽ نفس جو جائزو ورتو وڃي ٿو. اهڙي ريت هڪ ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيل ڪردارن جي گفتگو، وارتا ۽ عملن مان سندن نفسيات جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته هو پنهنجي تخليق ڪيل ڪردارن جي هر عمل کان با خبر هجي. يا ائين ڪٿي چئجي ته هو انهن ڪردارن جي وسيلي پنهنجي زندگيءَ جا مسئلا، واقعا، حادثا ۽ خواهشون پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو.

نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ هڪڙي خوبي اها به آهي ته هو پنهنجي تخليق ڪيل ڪردارن جي نوعيت ۽ نفسيات کي چڱيءَ ريت پيش ڪري ٿو.

جيئن ته سندس تعلق ٻهراڙي ۽ شهري سماج جي ماڻهن سان رهيو، ان ڪري پنهنجي مشاهدي وسيلي، پوليس وارن، هاري، ٽانگي واري، ڪمدار، صوبيدار، بيوروڪريٽ، مجاور کان وٺندي زميندار جي حقيقي زندگيءَ جا عڪس پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيا ۽ انهن جي نفسيات جو پڻ جائزو ورتو. طوائف جي زندگي ۽ نفسيات هجي يا هڪ ڊاڪٽر ۽ نرس جي ذهن ۾ پلجندڙ خواهشن ۽ ارمانن جو عڪس۔ هڪ فلاحي ڪم ڪندڙ سيٺ ڪريم جي ذهن ۾ دٻيل خواهشن جو عڪس هجي يا هڪ زميندار جي عياشي ۽ عيش پرستي جو عڪس يا هڪ هاءِ ڪلاس فيمليءَ جي عورت جي فيش ايبل زندگي جو اولڙو ۽ سندن ذهني ڪيفيتن جو ايڪس ري، نسيم کرل هڪ ماهر نفسيات وانگر پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي.

## تحليل نفسي يا نفسياتي ڇيد ڇا آهي؟

نفسيات هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن ۾ هڪ ليکڪ جي انهن سيني ڪيفيتن جو جائزو ورتو وڃي ٿو، جنهن تحت هو پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائي سگهي. يا ڪٿي ائين چئون ته هڪ اديب جي ظاهري ڪيفيتن جي پٺيان ڪهڙو راز لڪل آهي. ڪنهن به تخليق جي جاچڻ لاءِ مختلف طريقا يا لاڙا (رجحان) مقرر ڪري ان مان نتيجا اخذ ڪيا وڃن ٿا. صرف ان ڪري ته تخليقڪار جي هر فن پاري ۾ سوچيل سمجهيل (شعوري) ڪوشش شامل آهي يا وري داخلي جذّبات جي تصوير شامل آهي. خاص زور ان ڳالهه تي رهي ٿو ته اها تخليق عام ماڻهو جي نفسيات کي متاثر ڪري ٿي يا نه.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ يورپ ۾ نفسياتي مريضن لاءِ علاج ڪرڻ جو هڪ طريقو ايجاد ٿيو، جيڪو سگمنڊ فرائيڊ ايجاد ڪيو، جنهن کي تحليل نفسي (Psychoanalysis) جو نالو ڏنو ويو. جنهن بعد اديبن ان نظريي کي ادب ۾ به استعمال ڪيو.

هن نظريي تحت هر انسان يا اديب جي زندگي جون مڙيئي ڪارروايون ۽ ڪم جيڪي شعوري يا لاشعوري طور عمل ۾ اچن ٿا انهن ۾ داخلي پهلوءَ جو وڏو هٿ هوندو آهي. هنن ٻن عملن کان علاوه فرائڊ تحت الشعور کي به بيان ڪيو آهي.

هن مطابق ذهن جا ٽي حصا ٿين ٿا.

(١) **شعور:** هي دماغ جي متحرڪ حصي واري خاني ۾ موجود آهي، جيڪو هر وقت متحرڪ رهي ٿو. يعني سدائين ڪم ۾ مشغول رهي ٿو. جنهن کي انسان ڪنهن مهل يا ڪنهن به طرح استعمال ڪري سگهي ٿو.

(٢) **تحت الشعور:** هي ذهن ۾ موجود اهو ته خانو آهي، جنهن بابت هر عام ماڻهو بي خبر هجي ٿو. ان جي استعمال کان انسان لاعلم رهي ٿو. پر حقيقت ۾ اها شيءِ موجود آهي. هن خاني ۾ خيال، يادون، احساس ۽ جذبا موجود هجن ٿا، جيڪي ضرورت تحت استعمال ۾ آڻي سگهبا آهن.

(٣) **لا شعور:** فرائڊ مطابق ذهن جو اهڙو حصو جتي لاشعوريت جو راڄ آهي خواهشون جذبا ۽ يادون دٻيل رهن ٿيون. هتي جبلتي شيون شعور کان پري رکيل آهن.





جبلت ٿي انساني شخصيت کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪري ٿي. مٿي بيان ڪيل ٽن شين کي مختلف تنقيد نگارن پنهنجي اک سان ڏسي ڪجهه هن ريت ورهايو آهي.

- شخصيت انا EGO
- ضمير Super EGO
- جبلت (ID (Libido

شعور جون اهي سطحون، انسان جي شخصيت جي اندر سدائين تضادن جو سبب رهنديون آهن. ڇو ته هر ڪنهن سطح جون گهرجون ۽ قوتون پنهنجيون آهن. جنهن جي بنياد تي انسان جون شخصي توڙي تخليقي قوتون انهن جي اثر هيٺ رهن ٿيون.(١)

### فرائيڊ مطابق ذهن جا ٽي حصا آهن:

(1) **عقل (EGO):** ذهن جو هي حصو روز مرهه جي سيني معاملن کي منهن ڏيندو آهي، ليڪن به طاقتون هر وقت هن جي پٺيان لڳل هونديون آهن، جيڪي ڪيس پنهنجي مرضيءَ سان هلائڻ چاهينديون آهن، اُهي آهن ضمير ۽ نفس.

(2) **ضمير (Super EGO):** ذهن جو هي حصو هر وقت جاڳي ٿو ۽ سٺي ڪِني جي تميز ڪرڻ سان گڏ ناقابل عمل خواهشن کي پڻ روڪي ٿو. جيڪڏهن غلط ڪم ڪري ٿو ته ضمير ان کي ملامت ڪري ٿو ۽ ان تي نيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهندو رهي ٿو.

(3) **نفس يا جبلت (ID Libido):** ذهن جو هي حصو به هر وقت جاڳي ٿو پر هي لاشعوري ڪيفيت آهي، سيني جبلتن ۽ خواهشن جو مجموعو آهي. جن ۾ شهواني ۽ جسماني لذّت جي جبلت، وجود جي بقا جي جبلت، ڏک ۽ تڪليفن کان بچڻ جي جبلت سر فهرست آهن.(٢)

هنن ٽنهي قسمن کي سؤلن لفظن ۾ هينئن سمجهائي سگهجي ٿو ته ڪجهه جنسي ۽ حيواني خواهشون هڪ قوت جو روپ ڌاري معاشي/سماجي طور مقرر ڪيل

قانون يا ضابطي جون حدون اورانگهن ٿيون. پر ضمير انهن کي شعوري سطح تي پهچڻ نٿو ڏئي ۽ ملامت ٿو ڪري ۽ انهن خواهشن کي لاشعور ۾ دٻائي ٿو ڇڏي. اهڙن اڻ وڻندڙ خيالن جو هر وقت شعور سان جهيڙو جاري رهي ٿو. انهي ڇڪتاڻ واري حالت ۾ انسان نفسياتي بيمارين جي وَرِ چڙهي وڃي ٿو. جنهن سبب ڊپريشن جو شڪار رهي ٿو ۽ منجهس بي چيني وڌي ٿي. اهڙين حالتن ۾ اهي علامتون جن کي دٻيل خواهشون چئجي ٿو خوابن ۾ منتقل ٿين ٿيون.

فرائيڊ کان پوءِ ڪارل يونگ نفسيات تي تمام گهڻو ڪم ڪيو. جيڪو فرائڊ جو وڏو مداح ۽ دوست پڻ هو. جنهن جا فرائيڊ سان اڳتي هلي ويڇا پڻ ٿيا. سندس نظرئي موجب، ”ذاتي لاشعور سان گڏ پوري انسان ذات پڻ هڪ گڏيل لاشعور رکي ٿي. جنهن ۾ هر انسان جو حصو شامل آهي. جنهن ۾ انسان ذات جون گڏيل ڪوششون شامل آهن. ڏک، غم، خوشي، ميلاپ، وغيره گڏيل هجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو ٻين جا ڏک، درد، حوصلا، همتون ڏسي پاڻ به ان ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي. ڄڻ اهو ڏک سندس هجي. اها همت ڪيس ملي ويئي هجي. اهو حوصلو ڪيس مليو هجي.

خاص ڪري ادب سرجيندڙ ليکڪ انهن سڀني لاءِ جيڪو ڪجهه لکي ٿو، اهو پاڻ کان علاوه انهن سڀني لاءِ اهي جيڪي ڪيس پڙهن ٿا ۽ ٻڌن ٿا. هو پنهنجي اندر مان نڪرندڙ محرومين، مجبورين، احساسن ۽ جذبن ۾ ٻين کي به شامل ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته هو سمجهي ٿو ته ٻين جي درد ۽ احساس جو جذبو هن جو آهي ۽ هن جو احساس، جذبو ۽ محرومي ٻين جو دردُ آهي.

نسيم کرل پنهنجي دؤر جو بهترين ڪهاڻيڪار هو. هُن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي هر طبقي جي مسئلن جي اُپٽار آهي، اهي ٻهراڙيءَ جا هجن يا شهري، غريب هاري ناري هجن، يا سيٺ، اعليٰ عملدار يا عرب شيخ.

نسيم کرل جي باري ۾ ولي رام ولڀ جو هي خيال آهي ته، ”نسيم کرل حقيقت ۾ Objective ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ پنهنجي ارد گرد، عام ماڻهن مان حاصل ڪري ٿو. ڪيس ماحول ۽ ماڻهن جي وسيع ڄاڻ آهي. جنهن جي بيان ڪرڻ ۾ هو ڪا ڪسر نٿو ڇڏي. حقيقتون بيان ڪرڻ ۾، ڪردارن کي پيش ڪرڻ مهل، هو حالتن ۽ روايتن کي ڇتائيءَ ۽ باريڪ بينيءَ سان استعمال ڪري ٿو، پر پنهنجي





شخصيت جو ذرو به دخل ڏيڻ کان سواءِ، هو مڙيو ئي هر دم پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريندو رهندو آهي. جيڪڏهن پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهندي ڪلي ٿو ويهي ته اتي نسيم به کِلي ٿو، روئڻ مهل هو توهان سان گڏ روئندو ۽ هراس ۾ هيسجي وڃڻ مهل هو هيسيل نظر ايندو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهو ظاهر نٿو ڪري ته سندس همدردي ڪهڙي لکل آهي يا ڪهڙي ڪردار سان آهي، پر پڙهندڙ ٿورو سوچڻ سان اهو راز هڪ دم پروڙيو وٺي. وٽس لکڻ جو اهو ڏانءُ آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي Object Vision سان ويجهائپ محسوس ڪرائيندو رهندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ لطف پيدا ڪندو آهي.“[٣]

نسيم کرل بابت پروفيسر سليم ميمڻ لکي ٿو ته، ”نسيم کرل جون آکاڻيون هڪ طرف سنڌ جي زوال پذير ۽ مرندڙ وڏيرڪي ماحول جون عڪاس آهن ۽ ٻئي طرف شهري ٻڌجندڙ وڏيرڪي لڏي جي سوچن، اُمنگن ۽ احساسن جو بيان ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ نسيم کرل پنهنجين ڪهاڻين ۾ نين ابرندڙ ۽ سرجندڙ قوتن کي پيش نه ڪري سگهيو آهي، پر تنهن هوندي به سندس آکاڻيون سنڌ جي مرندڙ جاگيردارانه روايات جي نوحي بجاءِ، انهن روايتن جون حقيقت پسندانه Exposure آهن. نسيم جي وڏي ۾ وڏي خوبي سندس ڪردارن سان سندس Intimacy ۽ پنهنجائپ آهي. نسيم، پنهنجي حقيقت پسندي، بي پناهه مشاهدي ۽ فن ۾ تڪميل پسندي Perfectionism سببان سنڌ جي افسانوي ادب ۾ پنهنجن هڪ جيڏن ۾ سڀ کان مٿاهين جاءِ والاري ٿو.“[٤]

نسيم کرل جي ڪهاڻي ’مجاور‘ ۾ هڪ ڪردار ميان عبدالواحد کي پيش ڪيو آهي، جيڪو ڊسٽرڪٽ ڪائونسلر آهي. عبدالواحد پاڙي جي ماڻهن سان گڏجي ڊي سي وٽ شڪايت ڪري ٿو ته موالي محمد شاهه مئخاني تي هر سومر تي راڳ ڪرائي ٿو، جنهن سبب ڪٽِ ٿئي ٿي. ان کان علاوه اتي جوا جي ٽڪري به هلي ٿي، جنهن مان هو نال اوڳاڙي ٿو. موالي ڀنگ گهوٽين ٿا ۽ چرس جا دوڳاڙا به لڳن ٿا، نه صرف ايترو پر راڳ تي لُچا لوفر به اچن ٿا، جيڪي موٽ تي شهر مان چوري به ڪري ٿا وڃن. تنهن ڪري توهان مهرباني ڪري راڳُ بند ڪرايو. جنهن تي ڊي سي صاحب راڳ بند ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪري عبدالواحد کي اهڙو ليٽر هٿ ۾ ڏنو.

ڪجهه ڏينهن بعد ڊي سي صاحب ”ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي هڪ هنگامي

ميٽنگ ۾ شھر کي ترقي وٺرائڻ واري ھڪ ھنگامي گڏجاڻيءَ ۾ ھي رٿ پيش ڪئي تہ ھر سال ھن شھر ۾ جشن ملھايو وڃي تڏھن ميمبرن ڪان بي اختيار واھ واھ نڪري وئي."(۵) جشن جو نالو "جشن بھاران" رکيو ويو ۽ ڪميٽي پڻ مقرر ڪئي وئي، جنھن جڳھ ئي اھا چونڊي جتي ميخانو ھو. اسٽال لڳي ويا، روشنيون ٿي ويون، جڳھ جي صلاح عبدالواحد ڏني ۽ صلاح سان گڏ اھو بہ وارو ھنيو تہ جشن ڪاميٽيءَ ۾ منھنجي بہ سفارش ڪجو.

جڏھن سڀئي سانگ رچي ويا رونقون ٿي ويون ماڻھو مڙي آيا. "ڪرسين ڪان گھٽو پوئتي بينل مڪان جي مجاور محمد شاھ، شمشاد کي ڳائيندو ڏسي زور سان ٺھڪ ڏنو ۽ پرسان بيٺل ھئي مجاور کي ٺونٺ ھٽي چيائين فقير ڏسين ٿو رنگيءَ جا رنگ....!

ھا مرشد !

ساڳي شمشاد ساڳيو ڪلام......

پر اسان ڪھڙي غُناھي ڪئي ھئي؟"(٦)

ھن ڪھاڻيءَ ۾ عبدالواحد ڪائونسلر جي نفسيات جي نشاندھي ٿيل آھي تہ ڪيئن ھن مئخاني ۾ ٿيندڙ راڳ کي بند ڪرائڻ لاءِ ڊي سي وٽ درخواست ڪري راڳ بند ڪرايو ۽ چاڪاڻ تہ ھو ائين راڳ اندر جي خواھش کي دٻائي نہ پي سگھيو، تنھن ڪري ھن ڊي سي جو سھارو وٺي پاڻ کي ڪاميٽيءَ ۾ رکرائي ساڳي فنڪاره جو راڳ ڊي سي جي سرپرستيءَ ۾ ٻڌو.

ٻئي طرف ھڪ ڪاموري جي نفسيات کي پڻ پيش ڪيو ويو آھي تہ ھن جي شڪايت تي راڳ بند ڪرايو ويو ۽ ساڳين ماڻھن کي ساڻ ڪٽي اھو عمل پاڻ ڪيو ۽ تعريف بہ وصول ڪيائين. ائين ھڪ ڪامياب نفسياتي تجزئي کي نسيم کرل پنھنجي ڪھاڻي مجاور ۾ پيش ڪيو آھي. ماڻھن جي دٻيل خواھش/نفس جي جنگ مان آزاد ٿي عبدالواحد جي شعور تي اثر انداز ٿي جنھن سبب سندس ضمير جيڪو ڪيس ائين ڪرڻ خلاف دليل ڏئي رھيو ھو، ان تي نفس يا خواھش حاوي ٿي وئي.

مجاور محمد شاھ پنھنجي نفس کي ٿھڪ ڏيئي کلي مطمئن ڪيو ۽ اھو جملو





سندس نفسياتي خواھش جي تڪميل لاءِ ڪافي ھيو تہ: "ساڳي شمشاد ساڳيو ڪلام باقي غناھي اسان ڪئي."

نسيم کرل جي ڪھاڻي 'دارالفلاح' جنھن ۾ بدپيشو ڪندڙ عورتن جي نفسياتي عمل جو جائزو ورتو ويو آھي. جنھن ۾ ھڪ طوائف (جسم فروش) جي زندگيءَ جي واقعن کي ڪھاڻيءَ جو موضوع بڻايو ويو آھي تہ ھڪ طوائف جي گھر ۾ پيدا ٿيندڙ عورت نيلم کي ڪيئن بولي لھرائڻ لاءِ پيش ڪيو ويو جنھن جو پھريون خريدار سيٺ ڪريم جي روپ ۾ سامھون آيو. ڪيئن شمو ٻائي جي مجبوري جو فائدو وٺي سندس ڌيءَ نيلم کي سستي دام ۾ خريد ڪيو ويو.

بازار حڪومتي حڪم سان بند ٿي تہ شمو ٻائي بنگلن ۾ رھي پوءِ بہ پنھنجي پيشي کي جاري رکيو جنھن سبب نيلم جي نفس بغاوت ڪئي ۽ ضمير گواره نہ ڪيو تہ ھوءَ اھڙو پيشو اختيار ڪري. جنھن ڪورٽ جو سھارو وٺي دارالفلاح وڃڻ کي ترجيح ڏني. جنھن کي وري اھوساڳيو سيٺ ڪريم عام پلائي جو چوڳو پائي ھلائي رھيو ھو. اتي بہ نيلم کي ساڳي سيٺ وٽ پيش ٿيڻو پيو.

ھن ڪھاڻيءَ ۾ سيٺ ڪريم جو ڪردار اھڙو ڪردار آھي جنھن جي نفسيات کي جاچڻ لاءِ سندس دماغي ڪيفيتن جو چيد ڪرڻو پوي ٿو تہ ٻاھران عام ماڻھن جي لاءِ پلائي جا ڪم ڪندڙ شخص ڪيئن پنھنجي نفسياتي تسڪين حاصل ڪرڻ لاءِ. ضمير جو سھارو وٺي عام ماڻھن جون ھمدرديون حاصل ڪري ٿو، پر سندس نفساني خواھشون ڪيئن پوريون ٿين ٿيون، جنھن لاءِ ھو عقل (شعور) کي استعمال ڪري حاصل ڪري ٿو.

ڪھاڻي 'گذريل واردات' ۾ ھڪ پوليس انسپيڪٽر جي نفسيات جي عڪاسي ڪئي وئي آھي. سندس رعب، تاب، دٻدٻو، حشمت، ڏھڪاءُ، ڪرسيءَ جي حيثيت بيان ڪندي، نسيم کرل جڏھن ان جي نفسيات جو چيد ڪري ٿو تہ ڪيئن ھو جڏھن نوڪريءَ ۾ ھو تہ راڄ سلامي ھئس ۽ جڏھن ھن ابھرائيپ ڪري، پينشن جي درخواست ڏني تہ وٽانئس رعب، تاب، دٻدٻو، ڏھڪاءُ ۽ ڪرسي ھلي وئي. پر پوءِ بہ سندس نفسيات ساڳي رھي. جيئن ھو چورن، غنڊن، لوفرن تي نوڪري دوران دھمان ڪندو ھو ۽ نفسياتي حربا استعمال ڪري چوريون ۽ ڌوھ باسرائيندو ھو، ائين پاڙي

جي غريب ماڻهن جي ڀارن تي دهمان ڪري، اٿ ويھ ڪرائي، ڏنڊي ڦيرائي، پنهنجي نفسيات ڏيکارڻ لڳو ۽ ان احساس ڪمتري واري خال کي ڀرڻ لڳو.

اهڙي ريت جڏهن هو ڪهاڻي 'گڏ' ۾ ٽانگي وارن جي زندگي تي ڪهاڻي لکي ٿو تہ رئيس جي ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ جاءِ ڏئي ٿو، جنهن وٽ ٻين ٽانگي وارن جي بنسبت سٺي ۽ سينگاريل بگي آهي ۽ پلو گهوڙو آهي، جنهن سبب نفسياتي برتري ٻين ٽانگي وارن تي وڏيڪ آهي. ساڻس ڪو بہ مقابلو نہ ٿو ڪري، بگيءَ ۾ لڳل گهنٽي کي وڄائي ٿو تہ سيئي ڪيس نماڻين نظرن سان ڏسن ٿا، هو هميشہ ٻين جي گهوڙن جي خوراڪ تي تبصرا ڪري ٿو، ۽ چرچن ۾ سودن جو ڳالهيون ڪري ٿو

جڏهن ٽانگي وارن ۾ چرچي تان نا اتفاقي ٿئي ٿي ۽ ڪو بگيءَ جي سيٽ تي متيرا رکي وڃي ٿو، جنهن ڪان رئيس کي نفرت ۽ چڙ آهي تہ سندس ذهن جي اها ڪنڊ جاڳي پوي ٿي تہ مان اوهان ڪان مٿانهون آهيان، مون سان اهڙي مذاق! هو فوجدار وٽ دينوءَ ٽانگي واري جي شڪايت ڪري ٿو، ۽ فوجدار کي اهو چوي ٿو: " تون بہ ڀروچ آهين ۽ مان پڻ ڀروچ آهيان تنهن ڪري ڀروچڪي جي لڄ رک، دينوءَ کي سيڪت ڏي" تہ اتي سندس ذهنيت ذات پات جي متڀيد واري نفسيات کلي سامهون اچي ٿي.

فوجدار دينوءَ کي گهرائي، چنڊ بہ ڪڍي ٿو ۽ بيگر ۾ بگي بہ وهائي ٿو. ان عمل سان سندس دل کي ڪجهہ آٿت ملي ٿي. هو نوري کي چوي ٿو: 'سنڌ ڪلي سان ٻڌل آهي.' هاڻي ڪيئن سڀ چپ آهن. سيئي ٽانگي وارا رئيس سان سوشل بائيڪاٽ ڪن ٿا. جنهن سبب سندس اها نفسيات ڏڪو کائي ٿي ۽ هو پاڻ کي اڪيلو سمجهي ٿو.

پوءِ جڏهن هڪ ڏينهن سپاهي (جمعدار) دينوءَ کي فوجدار جو نياپو ڏئي ٿو تہ "هل دينو تو کي فوجداري صاحب گهرايو آهي" تہ رئيس جي اندر جو انسان جاڳي ٿو جنهن کي ضمير چيو وڃي ٿو. هو جمعدار کي چوي ٿو تہ "وڃ وڃي پنهنجي بابي فوجدار کي چئو تہ 'دين محمد ڪونہ ايندو'. ڪيس اهو بہ سمجهائي ڇڏ تہ اسان بگيءَ وارا پاڻ ۾ وڙهون يا پرچون، تنهن ۾ هن جي ربيع يا خريف."[٧]

جنسي موضوع تي نسيم کرل جي لکيل ڪهاڻي 'ڪرنٽ'،زال مڙس جي جنسي لاڳاپن تي لکيل ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ زال مذهبي لاڙو رکندڙ آهي ۽ مڙس چاهي ٿو تہ هوءَ مون سان رکيل وانگر، نچي ڪڏي ۽ جنسي لذت وٺرائي. مڙس





ڪاوڙجي ڀاهران ديوان تي سمهي ٿو ۽ نفساني خواهش پورو نہ ٿيڻ جو عذر ڄاڻائي ٿو. هتي انسان ۾ موجود ڊبيل خواهش ضمير تي حاوي ٿي وڃي ٿي.

زال: "اتي اندر هلي سمهو"

مڙس: "ڪا ضرورت ڪونهي مان هتي چڱو هان"

"هتي ڏاڍي ٿڌ آ"

"تو سان وري گڏ ڪهڙي گرمي آ، اتي بہ ساڳي ٿڌ آ"[٨]

پهريون نفسياتي جملو، جيڪو مهڻي ۾ سمايل آهي. مڙس زال کي ڏئي ٿو، جنهن مان سندس نفسيات ظاهر ٿئي ٿي.

"اتو اندر تہ هلو"

." ساڳيو ئي شرط آ"

"ڪهڙو"؟

بتي بہ ٻرندي ۽ تنهنجي بت تي ليڙ بہ ڪو نہ هوندي"

" مون ڪان اهڙي بي حيائي ڪانہ پڄندي"[٩]

مٿس نفسياتي ٻيو حملو هي لفظ چئي ڪري ٿو تہ

"مئڊم تو کي اها خبر آهي تہ ماڻهو وائيف هوندي ڪيپ چو رکندا آهن.

"مون کي ڪهڙي خبر"

جڏهن اهي تو جهڙين بيگمات جي پڙ پئجي ويندا آهن، جيڪي حقيقت ۾ عورتون نہ هونديون آهن"

"چئبو تہ مان بہ عورت نہ آهيان"

"نہ تون بہ عورت ناهين"

"پوءِ ڇاهيان"

"تون فلڪو جي فرج آهين ڀاهران سهڻي اندران يخ"[١٠]

هي مٿس ٻيو نفسياتي حملو هو، جنهن ۾ هو کيس ڳالهه مڃرائڻ لاءِ فرج سان تشبيهه ڏئي ٿو ۽ اهو انومان به ظاهر ڪري ٿو ته، مرد اهڙين عورتن کي پسند نه ڪندا آهن.

زال ڪاوڙجي وڃي سمهي ٿي ته مڙس به وڃي ساڻس سمهي ٿو ۽ سوالن جوابن ۾ وري ٽيون دفعو نفسياتي حملو ڪري ٿو.

"ڊارلنگ باقي شادي ڇو ڪبي آهي"

"اولاد لاءِ جيئن نسل وڌي"

"پوءِ ڪٿي آ پاڻ کي اولاد"

" نيٺ ته ٿيندو"

"اهي افعال آهن ته ڏوڙ ٿيندو".

"خير ته گهرو"

"خير ڇا گهران، ڳالهه صاف لڳي پئي آ."(١١)

اهڙي طرح هو زال جي نفسيات مٿان چٽرون ڪندي ۽ طعنا ڏيندي، حقيقي ڳالهه تائين پهچڻ جا جتن ٿو ڪري ۽ عورت جي ڪمزوري مان فائدو وٺندي کيس چوي ٿو:

"ممي کي به چوندس ته ٻه ٽي سال گرينڊ سن جو آسرو ڇڏي ڏي"

"ممي پڇي پئي ڇا"؟

نه ته وري، هن جون اکيون سدائين تنهنجي پيٽ ڏانهن هونديون آهن، هر مهيني پڇندي آ، ننڍڙو مهمان ڪڏهن ٿو اچي، ڪالهه ته مون کي چيائين ته تنهنجو علاج ڪرايان ته پوءِ من ٻار ٿئي.

"ڪوڙ نسورو ڪوڙ"

اهو سندس نفسياتي آخري وار هو ڪيس خبر آهي ته اولاد جي مسئلي ۾ عورت هيٺي ۽ ڪمزور ٿئي ٿي. عورت جي خواهش هجي ٿي ته کيس اولاد، وري مٿان،





ماءُ جو دهمان ته ان جي به خواهش آهي ته ٻار ٿئي، ڇو ته سس هميشه ورتاءَ ۾ ننهن تي غالب رهي ٿي، سس کي ناراض ڪرڻ معنيٰ ٻي عورت جو گهر اچڻ لاءِ جواز پيدا ڪرڻ آهي. اهڙي طرح هڪ مڙس، زال جي شعور ۽ عقل تي اهڙا حربا هلائي نفسياتي طور خواهش غالب اچي وڃي ٿي. ائين نسيم کرل عورت جي نفسيات تي هيءَ ڪهاڻي لکي آهي. جنهن ۾ نفسياتي پهلو نمايان آهي.

نسيم کرل جي ڪهاڻي 'ڪافر' ۾ پڻ ڪردارن جي نفسيات جو گهرو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ مولوي، اوڏ ۽ اوڏڻ کي مسلمان ڪري ٿو. اوڏ کي مسلمان ڪرڻ کان اڳ اهي سيئي نفسياتي سوال ڪري دين ڏانهن راغب ڪرڻ جا وچن وٺي ٿو.

"بابا تون ۽ مائي ٽلي دين محمدي قبول ڪرڻ گهرو ٿا"

"ها مولبي صاحب"

"پنهنجي رضا خوشي سان يا زور زبردستي سان"

"پنهنجي رجا سان سائين"

"تون به مائي ٽلي"

"ها سائين"(١٢)

مولوي صاحب جا اهي سوال، اسلام قبول ڪرڻ وارن سان ان ڪري به هئا ته سياڻي ٻيو ڪو نه چوي ته اسلام زور زبردستي سان قبول ڪيو ويو ۽ ساڳي وقت، موجود مسلمانن جي مٿان پڻ نفسياتي اثر وجهڻو هو ته اسلام تلوار سان نه پکڙيو آهي. ريتن ۽ قدرن کي هتي مذهبي/نفسيات جي ور چاڙهيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته مسلمان مذهبي حوالي سان يقين ۽ ان ۾ شرڪ نه ڪرڻ واري درس تي قائم رهي ٿو ۽ ان نڪتي کي پڻ واضح ڪيو ويو آهي ته دين اسلام ڪنهن سان به زور زبردستي نٿو ڪري. مٿان وري هي سوال ته:

"روزا به رکندين ۽ نماز به پنج وقت با جماعت پڙهندين"

"ها سائين روجا به رکندس نماج به پڙهندس!"

"سونهاري بہ شرعي حد تائين رکائيندين"

"رکائيندس"

جوا نہ کيڏنديں ، دارون نہ پيئنديں"

"نہ سائين"

"مسلمان وانگر ختنو بہ ڪرائيندين"

"ها سائين"(١٣)

معنيٰ تہ اسلام قبول ڪرڻ ۽ پنهنجو دين ڇڏڻ لاءِ اهي ڳالهيون ضروري آهن. مولوي صاحب هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ چاهيا، هڪ تہ اسلام قبول ڪرڻ وارو انهن ڳالهين کان پري رهي ۽ ٻيو تہ مسلمان بہ انهن شين جو خيال رکن ۽ پنهنجي عقيدي ۽ نظريي تي قائم رهن.

"پوءِ مولوي صاحب کائنئن ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو. ۽ متئن اسلامي تاريخي نالا رکيا جن جي لڄ رکڻ متئن فرض هو. عبدالله ۽ فاطمہ اسلامي حوالي سان هي ٻہ نالا اهم ۽ معتبر نالا آهن، جن جي چونڊ نسيم کرل تاريخي حوالي طور ڪئي، جن جي مخالفت خاص ڪري مسلمان ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ڪفر جي برابر سمجهڻ وارو نفسياتي عمل آهي. اسلامي طريقي سان نڪاح پڙهيائين، جيئن هو اسلامي طريقي سان هڪ ٻئي لاءِ حلال هجن.

هاڻي اچون ٿا. مخالف دين رکندڙ جي نفسيات ڏانهن تہ ڪيئن هڪ غير مذهب ٻي مذّهب جي ماڻهن جي نفسيات مٿان پنهنجا حربا هلائي ٿو.

ٻي طرف هن ڪهاڻيءَ ۾ اوڏن جي مکيءَ جو ڪردار آهي. جنهن جي نفسيات پڻ ڪهاڻيءَ ۾ ۾ پيش ڪئي وئي آهي، تہ ڪيئن هو پنهنجي دين تي قائم رهڻ لاءِ پنهنجي برادري کي متحد رکيو ٿو اچي ۽ دين ڇڏي ويندڙن لاءِ ڪهڙو فيصلو ٿو ڏئي.

"سيتل تون مسلو ٿيندين تہ پوءِ اسان سان واسطو ڪو نہ رهندءِ"

"پلي نہ رهي"

اسين توکي پاڻ وٽ بہ ڪو نہ اچڻ ڏينداسين ولر وٽ بہ ڪو نہ."

("ولر سيتل جو پيٽويو")





. "پلي نہ اچڻ ڏجو، مان مسلمانن سان اٿندس ويهندس. پيٽ بہ مئي سهايم."(١٤)

اهڙا سوال ڪري هو چاهي پيو تہ سيتل پنهنجي پيٽ کان ڇڃي پوڻ تي من موٽ ڪائي ۽ ارادو ترڪ ڪري.

هڪ ڏينهن (سيتل) عبدالله جي پيٽ بيمار ٿي پئي تہ سندس پٽ ٻاٻيهو مامي وٽ آيو ۽ چيائين تہ امان ڏاڍي بيمار آهي، جو ٻڌي ڪيس جهٻو تہ آيو، پر وري مکيءَ جي منع ڪرڻ ياد آيس، سو جواب ڏنائين تہ مان ايڏانهن ڪو نہ ايندس جڏهن ٻاٻيهي کيس ٻڌايو تہ بابي مکيءَ جي پيرن تي پٽڪو رکي اجازت ورتي آهي تہ هو ٻاٻيهي سان گڏجي اوڏانهن هليو ويو.

هيڏانهن جڏهن مولوي صاحب کي خبر پئي تہ عبدالله اوڏن ڏي ويو آهي تہ هن فتح ناريجي کي موڪلي کيس وٺي اچڻ لاءِ چيو.

فتح جي سڏن تي مکي نڪري آيو ۽ پڇيائين.

"ڇا هي فتح"؟

"اسان جو عبدالله توهان وٽ آيو آهي. ان کي مولوي ٿو سڏي. مکيءَ کي انهيءَ ڳالهہ تي ٿوري چڙ آئي. عبدالله جو سندن هڏ رت پٽ مان هو ۽ سندن پکن ۾ ڇائو هو سو وري فتح وارن جو ٿي ويو."

انهيءَ تي مکي نفسياتي طور فتح کان سوال ٿو ڪري.

"عبدالله توهان جو آ فتح"

"ها اسان جو آ"

"توهان هن جا وارث آهيو"

"هي اسان جو مسلمان ڀاءُ آهي. اسان هن جا وارث آهيون"

"ڇڱو فتح هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ. سپان جو هي مري وڃي تہ جوٽس کي تہ لوڏي ڪيندئو."

"چو لوڏي ڪينداسونس."

"توهين مسلمان ساٽس نڪاح ڪندئو."

”جي مالڪياڻي راضي هوندي تہ ان ۾ ڪو عيب ڪونهي.“

”گريان نہ ايندو“

”چو ايندي گريان مسلمان ڪان.“

”چگو فتح جيڪڏهن جوڙس مري وڃي تہ ڪيس پرڻائيندئو.“

مڪيءَ جو مسلمانن جي مٿان اهو نفسياتي حملو هو، جنهن تي فتح کي ڪاوڙ آئي. ”مڪي زبان سنڀال اڳتي حرف بہ نہ ڪڇجان نہ تہ“

”اهو ڪهڙي قانون ۾ لکيل آهي تہ جو توهان ونندئو باقي ڏيندئو ڪو نہ...“(١٥)

اهڙي ريت نفسياتي جنگ ۾ مڪيءَ داءُ هٽي گهربل مقصد ماڻي چڪو هو ۽ هن جي چهري تي مرڪ هئي جڏهن تہ فتح مڪيءَ پاران ڪيل نفسياتي داءَ تي رد عمل ظاهر ڪري جنگ هارائي ويٺو.

جڏهن فتح موٽي اچي اهو احوال مولوي کي ڪيو تہ هن نفسياتي طور داءُ پچائڻ خاطر ويٺل ڏانهن ڏٺو.

هڪ چيو ” ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي ماني مان“

ٻئي چيو ” سائين گڏهن کي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاريو تہ ڪو گهوڙا ڪو نہ ٿي پوندا“

آخر ۾ اميد علي پنهنجي نفسيات مطابق جواب ڏنو تہ ” ها ابا سچ ٿا چئو ڪافر نيٺ ڪافر“(١٦)

## اخذ ڪيل نتيجا:

- نفسياتي تنقيد ۾ ڪردارن جي نفسيات کي جاچي سگهجي ٿو.
- نسيم کرل چورن جي نفسيات جو ڇيد ڪيو اهي.
- انسان جي نفسي خواهشن جو ذّڪر نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو.
- نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي نفسيات هڪ اهم موضوع آهي.
- نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ هيٺين طبقي کان وٺندي اوچي سوسائٽي جي ڪردارن جي نفسيات بيان ڪئي وئي آهي.





- نسيم کرل فلاحي ڪم ڪندڙ سيٺ ڪريم جي اندر ۾ دٻيل خواهشن جو حقيقي عڪس پيش ڪيو آهي.
- نسيم کرل کي ڪردارن جي نفسيات جو ڀرپور اپياس ڪري، ڪهاڻين ۾ انهن جو ڇيد ڪري ٿو.
- عورت جي نفسيات کي نسيم کرل مختلف حوالن سان پيش ڪيو آهي.
- نفسياتي طور نسيم کرل جي حقيقي زندگي جا اولڙا پڻ ڪهاڻين ۾ ملن ٿا.

## حوالا


١. لاشاري مبارڪ، جديد ادبي تنقيدي نظريا ـ ماءِ پبليڪيشن سکر صفحو (٩٤-٩٥) سال ٢٠١٣ع.
٢. لغاري اڪبر، ادبي تنقيد جي تاريخ ـ ماءِ پبليڪيشن سکر سال ٢٠١٦ع صفحو نمبر (١١٠-١١١).
٣. جويو تاج، نسيم کرل – وڏو ڪهاڻيڪار، وڏو انسان، ولي رام ولڀ، نسيم جي سوچ ۽ تخيل، سنڌ ماٽڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٢٣.
٤. کرل نسيم، چوٽيهون در، ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، (بيڪ ٽائٽيل)، ورسٽي پبليڪيشن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ١٩٨٠ع.
٥. کرل نسيم، چوٽيهون در، ورسٽي پبليڪيشن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ١٩٨٠ع، ص: ٤٤.
٦. ساڳيو، ص: ٤٨.
٧. کرل نسيم، شبنم شبنم ڪنول ڪنول، ورسٽي پبليڪيشن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ١٩٧٨ع، ص: ١٥٣.
٨. کرل نسيم، چوٽيهون در، ورسٽي پبليڪيشن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ١٩٨٠ع، ص: ٦٧.
٩. ساڳيو، ص: ٦٧.
١٠. ساڳيو، ص: ٦٨.
١١. ساڳيو، ص: ٧٥ ۽ ٧٦.
١٢. کرل نسيم، شبنم شبنم ڪنول ڪنول، ورسٽي پبليڪيشن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ١٩٧٨ع، ص: ٣.
١٣. ساڳيو، ص: ٤.
١٤. ساڳيو، ص: ٩.
١٥. ساڳيو، ص: ١٤ ۽ ١٥.
١٦. ساڳيو، ص: ١٦.